# گهريلو جهيڳڙن جو علاج

سنڌي




شيخِ طريقت، اَميرِ اَہلسنّت، بانیٔ دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال
مُحمّد اِلیاس عَطّار قادِري رَضَوي
دامت بركاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: گهريلو جهڳڙن جو علاج
ڇاپو پهريون : ذيقعدة الحرام 1442هه جون 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# گھريلو جھڳڙن جو علاج

## پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

# فهرست

گهريلو جهڳڙن جو علاج؟ 1
دعاءِ عطار: ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
ملي ڪري کائڻ ۾ برڪت آهي ........ 1
سيرتين جو نسخو ........ 2
ملي ڪري کائڻ جي فضيلت ........ 2
ملي ڪري کائڻ ۾ معدي جو علاج ........ 2
هڪ جو کاڌو ٻن لاءِ ڪافي آهي ........ 3
قَناعت جي تعليم ........ 3
پگھار گھٽ ڪرائي ڇڏي ........ 3
وقف جي شين جي باري ۾ احتياط ........ 5
کائڻ واري جي مغفرت جي هڪ صورت ........ 6
ٽيبل ڪرسي تي کائڻ سنت ناهي ........ 6
صدرالشريعه رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ........ 6
ڪھڙو دستر خوان سنت آهي؟ ........ 7
هر گھر تي الله جو ذڪر ........ 8
هر گھر تي پڙهڻ جو طريقو ........ 8
داتا صاحب جي طرفان مدني ........ 9
قافلي جي خير خواهي ........ 9
صاحبِ مزار مدد فرمائي ........ 10

اولياءِ ڪرام وفات ڪانپوءِ به ........ 12
نفعو پهچائيندا آهن ........ 12
ڪهڙو ڪاڏو بيماري آهي؟ ........ 13
شيطان جي لاءِ ڪاڏو حلال ........ 13
ڪاڏي کي شيطان کان بچايو ........ 13
شيطان کان حفاظت ........ 14
گهرو جهيڙن جو علاج ........ 14
بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ وسري وڃي ته ڇا ڪجي؟ ........ 15
شيطان ڪاڏو ٻاهر ڪڍي ڇڏيو! ........ 15
نگاهِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ڪجهه لڪيل ناهي ........ 15
ماءُ ڪٽ تان اٿي بيهي رهي! ........ 17
”دعا مومن جو هٿيار آهي“ جي سترهن اکرن ........ 19
جي نسبت سان دعا گهرڻ جا 17 مدني گل ........ 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# گهريلو جهڳڙن جو علاج؟

## دعاءِ عطار:

يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو "گهريلو جهڳڙن جو علاج؟" پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن جي گهر ٻار ۽ روزگار ۾ برڪتون عطا فرماءِ ان کي پنهنجي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش ڪان سواءِ ڪو سايو نہ هوندو، ٽي ماڻهو الله پاڪ جي عرش جي سايي ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ڪهڙا ماڻهو هوندا؟ ارشاد فرمايائون: (1) اهو شخص جيڪو منهنجي اُمّتيءَ جي پريشاني پري ڪري. (2) منهنجي سنت کي زنده ڪرڻ وارو. (3) مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو.

(البدور السافره في امور الاخرة، ص 131، حديث:366)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ملي ڪري کائڻ ۾ برڪت آهي

حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي تہ "گڏجي کائو الڳ الڳ نہ کائو جو برڪت جماعت سان گڏ آهي." (سنّن ابن ماجه شريف ج 4 ص 21 حديث 3287)

## ڍوٿيڻ جو نسخو

حضرت وحشي بن حرب رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ پنهنجي ڏاڏي سائين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت ڪن ٿا تہ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم بارگاهہِ رسالت ۾ عرض ڪيو، ”يارسول الله! صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کاڌو تہ کائيندا آهيون پر ڍؤ ناهي ٿيندو؟“ سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو، ”توهان الڳ الڳ کائيندا هوندؤ؟“ عرض ڪيائون ”جي ها“. فرمايائون، گڏجي ويهي کاڌوکائيندا ڪريو ۽ بِسْمِ اللّٰہ پڙهندا ڪريو توهان جي لاءِ کاڌي ۾ برڪت ڏني ويندي. (ابوداود شريف ج 3 ص 486 حديث 3764)

## ملي ڪري کائڻ جي فضيلت

**هڪ** ئي دسترخوان تي ملي ڪري کائڻ وارن کي مبارڪ هجي جو حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ کي هيءَ ڳالهہ سڀ کان وڌيڪ پسند آهي تہ هو مؤمن ٻانهي کي ٻارن ٻچن سان گڏ دستر خوان تي ويهي ڪري کائيندو ڏسي، چو تہ جڏهن سڀ دستر خوان تي جمع ٿي ويندا آهن تہ الله پاڪ انهن کي رحمت جي نگاهہ سان ڏسندو آهي ۽ جدا ٿيڻ کان اڳ ۾ انهن سڀني کي **بخشي** ڇڏيندو آهي. (تنبيه الغافلين ص 343)

## ملي ڪري کائڻ ۾ معدي جو علاج

**پيٿالوجي** جي هڪ پروفيسر انڪشاف ڪيو آهي جڏهن کاڌو ملي ڪري کاڌو ويندو آهي تہ سڀ کائڻ وارن جا جراثيم کاڌي ۾ ملي ويندا

آهن ۽ اهي ٻين بيمارين جي جراثيمن کي ماري ڇڏيندا آهن گڏو گڏ ڪڏهن ڪڏهن ڪاڏي ۾ **شفا** جا جراثيم شامل ٿي ويندا آهن جيڪي **معدي جي بيمارين** کي دور ڪرڻ لاءِ فائديمند هوندا آهن.

## هڪ جو کاڌو ٻن لاءِ ڪافي آهي

**حضرت** سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا ته مون نبيِّ ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻُڌو،”هڪ جو کاڌو ٻن لاءِ ڪافي آهي ۽ ٻن جو کاڌو چئن لاءِ ۽ چئن جو کاڌو اٺن لاءِ ڪفايت ڪندو آهي.“

(صحيح مسلم ص 1140 حديث 2059)

**پياري آقا**، مديني واري مصطفٰی صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ڪفايت نشان آهي ته ”ٻن جو کاڌو ٽن لاءِ ۽ ٽن جو کاڌو چئن لاءِ ڪافي آهي.“

(بخاري ج 6 ص 346 حديث 5392)

## قَناعت جي تعليم

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن حديثِ مبارڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا، ”جيڪڏهن کاڌو ٿورو هجي ۽ کائڻ وارا گهڻا ته انهن کي گهرجي ته ٻن ماڻهن جي کاڌي تي ٽي ماڻهو ۽ ٽن جي کاڌي تي چار ماڻهو گذارو ڪن جيئن ٽيڪ پيٽ ته نه ڀربو پر ايترو کائڻ سان ڪمزوري به نه ٿيندي، عبادتون چڱيءَ طرح ادا ٿي سگهنديون، هن فرمانِ عاليشان ۾ قناعت ۽ مُرُوَّت جي اعلٰی تعليم آهي.“ (مرآة ج 6 ص 16)

## پـــگــــهـــار گـهٽ ڪـرائي ڇڏي

**خليفةُ الرَّسول** حضرت سيّدُنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خلافت جي دؤر

جو واقعو آهي، هڪ ڀيري حضرت سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي گهرواريءَ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا ڪي حلوو کائڻ جي خواهش ٿي ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ”ارشاد فرمايو اسان وٽ ايتري رقم ناهي جو اسان حلوو خريد ڪري سگهون.“ عرض ڪيائين ”مان پنهنجي گهريلو خرچ مان ڪجهه ڏينهن ۾ ٿورا ٿورا پيسا بچائي ڪري ڪجهه رقم جمع ڪري وٺنديس انهيءَ مان حلوو خريد ڪنداسين، فرمايائون ” ائين ئي ڪجو.“ جيئن ته سندن گهرواري محترمه رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا رقم گڏ ڪرڻ شروع ڪئي. ڪجهه ڏينهن ۾ ٿوري رقم گڏ ٿي وئي. جڏهن انهن پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کي ٻڌايو ته جيئن پاڻ حلوو خريد ڪن ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ اها رقم ورتي ۽ بيت المال ۾ موٽائي ڏنائون ۽ فرمايائون ته هي اسان جي خرچ کان وڌيڪ آهي. تنهن کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ آئنده جي لاءِ بيت المال مان ملڻ واري پگهار مان اوتري رقم گهٽ ڪرائي ڇڏيائون! (الكامل في التاريخ ج 2 ص 271 )

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت کي ٻڌي ڪري ساراهه ۽ واکاڻ جو نعرو بلند ڪري دل کي خوش ڪري وٺڻ بدران اسان کي به تقويٰ ۽ قناعت جو درس حاصل ڪرڻ گهرجي، خاص طور تي حڪمرانن، سرڪاري آفيسرن، مسجدن جي پيش امامن، ديني مدرسن جي استادن ۽ مختلف اسلامي شعبن سان لاڳاپيل اسلامي ڀائرن لاءِ هن حڪايت ۾ قناعت ۽ خود داري اختيار ڪرڻ، حرص ۽ لالچ کان پاڻ کي بچائڻ ۽ پنهنجي آخرت کي بهتر بڻائڻ لاءِ خوب خوب ۽ خوب عبرت جو سامان آهي، ڪاش! اسان سڀ صرف نفس جي خواهش تي پگهار جي ٿوري گهٽي يعني”هن جي پگهار ته ايڏي گهٽي ۽ منهنجي ايتري

توري" چئي ڪري ان طرح جي معاملن ۾ الجهڻ بدران توري آمدني تي قناعت ڪندي نيڪين ۾ ڪثرت جا تمنائي بڻجي وڃون. **سيدُنا صديق اڪبر** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي پرهيزگاري ۽ دنياوي دولت کان بي رغبتي جي متعلق هڪ بي حڪايت ٻُڌو جيئن تہ:

## وقف جي شين جي بـــــاري ۾ احــــتـــيـــاط

**امامِ عالي مقام**، امامِ عرش مقام حضرت سيّدُنا امام حسن مجتبیٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: "خليفة الرسول حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي وفات جي وقت اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ **سيّدتنا عائشه صديقه** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا کي فرمايو. ڏسو! هي ڏاچي جنهن جو اسين کير پيئندا آهيون ۽ هي وڏو پيالو جنهن ۾ کائيندا پيئندا آهيون ۽ هي چادر جيڪا مون ويڙهي آهي اهي سڀ بيت المال مان ورتا ويا آهن. اسان انهن مان ان وقت تائين فائدو حاصل ڪري سگهون ٿا جيستائين مان مسلمانن جي خلافت جا معاملا سنڀاليندو هيس، جڏهن مان وفات ڪري وڃان تہ اهو سڀ سامان حضرتِ سيّدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي ڏئي ڇڏجو. تنهن کانپوءِ جڏهن حضرت سيّدُنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو انتقال ٿي ويو تہ اُمُّ الْمُؤمنين حضرت سيّدتنا عَائِشَه صِديقه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا اهي سڀ شيون وصيّت مطابق واپس ڪري ڇڏيون. حضرت سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ (شيون واپس ملڻ تي) فرمايو، اللّٰهپاڪ انهن تي رحم فرمائي جو انهن پاڻ کان پوءِ اچڻ وارن کي ٿڪائي ڇڏيو آهي. (تاريخ الخلفاء ص 60)

## کائڻ واري جي مغفرت جي هڪ صورت

جيڪو بہ شان وارو ڪم شروع ڪيو وڃي ان ڪان اڳ ۾ بِسۡمِ اللّٰه شريف ضرور پڙهڻ گهرجي جو سنّت آهي، اهڙي طرح کائڻ يا پيئڻ کان اڳ ۾ بہ بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ سنّت آهي ۽ ان جون تمام گهڻيون برڪتون آهن، جيئن تہ حضرت سيّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ مڪي مدني سرڪار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”ماڻهوءَ جي آڏو کاڌو رکيو ويندو آهي ۽ کڻڻ کان پهريان ئي ان جي مغفرت ٿي ويندي آهي، ان جي صورت هيءَ آهي تہ جڏهن رکيو وڃي (تہ) بِسۡمِ اللّٰه پڑهي ۽ جڏهن کنيو وڃي (تہ) الحمدلله چوي.“

(الجامع الصغير ص 122 حديث 1974)

## ٽيبل ڪرسي تي کائڻ سنت ناهي

صحيح بخاري ۾ حضرت سيّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ميز تي ماني کاڌي نہ ئي ننڍين ننڍين پيالين ۾ کاڌائون ۽ نہ ئي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ سنهيون چپاتيون(يعني مانيون) پچايون ويون، حضرت سيّدُنا قتاده رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان جڏهن پُڇيو ويو، تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪهڙي شيءِ تي کائيندا هئا؟ فرمايائون، دسترخوان تي. (صحيح بخاري ج 3 ص 532 حديث 5415)

## صدرالشريعہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٽيبل ڪرسي تي کائڻ جيتوڻيڪ گناهہ ناهي پر سنّت بہ ناهي، صدرالشريعہ بدرالطريقہ حضرت علامہ مولانا

مفتي محمّد امجد علي اعظمي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه بهارِ شريعت جي سورهين حصي ۾ فرمائن ٿا ته **ننڍي ميز** وانگر متانهين شيءِ هوندي آهي جنهن تي امير ماڻهن وٽ کاڌو رکيو ويندو آهي ته جيئن کائڻ وقت جهڪڻو نه پوي ان تي کاڌو کائڻ تڪّبر وارن جو طريقو هيو، جهڙي طرح ڪجهه ماڻهو هن زماني ۾ ميز يعني **(ٽيبل)** تي کائيندا آهن، ننڍين ننڍين پيالين ۾ کائڻ امير ماڻهن جو طريقو آهي، انهن وٽ مختلف قسمن جا کاڌا ننڍن ننڍن ٿانوَن ۾ رکيا ويندا آهن. (بهارِ شريعت حصو 16 ص 12)

## کهڙو دستر خوان سنت آهي؟

مفسرِ شهير حکيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا،"سنّت هي آهي ته کاڌي جي اڳيان ٿورو جهڪي ڪري ويهجي. **دستر خوان ڪپڙي جو، چمڙي جو ۽ کجيءَ جي پنن جو هوندو هو**، انهن ٽن قسمن جي دسترخوانن تي کاڌو حضوراکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تناول فرمايو آهي، دستر خوان به هيٺ زمين تي وڇائبو هو ۽ پاڻ سرڪارِمدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به زمين تي تشريف فرما ٿيندا هئا. (مراٰة ج 6 ص 13) **پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ٽيبل ڪرسي تي کائڻ جيتوڻيڪ گناهه ناهي پر زمين تي دسترخوان وڇائي ڪري کائڻ سنّت آهي ۽ سنّت ۾ ئي عظمت آهي، افسوس! اڄڪلهه اها سنّت مسلمانن کافي حد تائين ڇڏي ڏني آهي مذهبي گهراڻن ۾ به هاڻي ٽيبل ڪرسي تي کائڻ جو رواج پئجي ويو آهي، شادين ۾ به **ٽيبل ڪرسي** بلڪ هاڻي

تہ ڪرسي بہ هٽائي وئي آهي ماڻهو ٽيبل جي چوڌاري ڦري ڪري کاڌو کائيندا آهن. افسوس! سنّتن پريو دوُر وري ڪڏهن ايندو!

سنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

## هـــــر گــرهہ تـــــي الله جو ذڪر

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ کان مروي آهي، ”الله پاڪ ان ٻانهي کان راضي ٿيندو آهي جو جڏهن گرهہ کائيندو آهي تہ ان تي الله پاڪ جي واکاڻ ڪندو آهي ۽ پاڻي پيئندو آهي تہ ان تي بہ ان جي واکاڻ ڪندو آهي. (صحيح مسلم ص 1463 الحديث 2734)

## هر گرهہ تي پڙهڻ جو طريقو

سُبحٰن الله ! رضاءِ الاهي حاصل ڪرڻ جو ڪيڏو آسان نسخو آهي. خدا جو قسم! الله پاڪ جي رضا کان وڏيڪ ڪا سعادت ئي ناهي. جنهن کان هو راضي ٿيندو، ان کي پنهنجو ديدار بخشيندو، انهيءَ کي جنّت الفردوس ۾ داخل فرمائيندو، هر گرهہ کائڻ ۽ هر هڪ ڍڪ پيئڻ تي الله پاڪجو نالو وٺڻ ۽ گرهہ کائڻ ۽ ڍڪ پرڻ کانپوءِ اَلحمدُ لِلّٰه چوڻ جي عادت بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو تہ جيئن کائڻ پيئڻ جو وقت بہ غفلت ۾ نہ گذري، تي سکهي تہ هر ٻن گرهن جي وچ ۾ اَلحمدُ لِلّٰه، يا واجِدُ ۽ بِسۡمِ الله چوڻ جي عادت بڻايو جو ائين هر گرهہ جي شروعات ۾ بِسۡمِ الله ۽ يا واجِدُ جي ذڪر سان ۽ هر گرهہ جي پُڄاڻي حمد تي ٿيندي. اِنۡ شآءَالله نيڪين جا انبار ۽ ثواب جا انوار ئي انوار ٿيندا. مڪتبة المدينہ جي ڇپيل

جيب سائيز رسالي **40 روحاني علاج** جي ص**11** تي آهي يَاوَاجِدُ جيڪو ڪاڏو ڪائڻ وقت هر گرهه تي پڙهندو اِنْ شَآءَاللّٰه اهو ڪاڏو ان جي پيٽ ۾ نور ٿيندو ۽ مرض دور ٿيندو.[1]

ڪر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی
عطا کر دے اپنی رِضا یاالٰہی

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سنّتن جي تربيت جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني قافلن** ۾ سفر جي ترڪيب ٺاهيندا رهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عملي طور تي ڪاڏي جي سنّتن پري تربيت ٿيندي رهندي ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه ڪڏهن ته اهڙو ڪاڏو ملي ويندو جو توهان جا ڀاڳ کُلي ويندا، جيئن ته اسلامي ڀائرن سان پيش اچڻ وارو **واقعو** پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

## داتا صاحب رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جي طرفان مدني قافلي جي خير خواهي

**اسان جو** مدني قافلو مرڪز الاولياء لاهور داتا دربار واري مسجد جي اندر ٽن ڏينهن لاءِ ترسيل هو. اسان مدني قافلي جي جَدوَل جي مطابق سنّتن جي تربيت حاصل ڪري رهيا هئاسين. حلقي جي دوران هڪ شخص آيو. ان **عاشقانِ رسول** سان تمام گهڻي محبت سان ملاقات ڪئي،

[1] هي **17** صفحن جو رحمتن ۽ برڪتن ڀريو رسالو مكتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان هديو ڏئي حاصل ڪريو.

پوءِ چوڻ لڳو، اَلحَمدُللّٰه اڄ رات منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ **حضور داتا گنج بخش علي هجويري** رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه مون گناهگار جي خواب ۾ آيا ۽ ڪجهه هن طرح فرمايائون، ”**دعوتِ اسلاميءَ جي مدني قافلي وارا عاشقانِ رسول تن ڏينهن جي لاءِ منهنجي مسجد ۾ ترسيل آهن تنهنڪري توهان انهن جي کاڌي جو انتظام ڪريو.**“ تنهنڪري مان مدني قافلي وارن جي خيرخواهيءَ جي لاءِ کاڌو آندو آهي، توهان قبول فرمايو.

ڪيا غرض در در پھروں میں بھیک لینے کیلئے | ہے سلامت آستانہ آپکا داتا پیا
جھولیاں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دن | ہو مری امید کا گلشن ہرا داتا پیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## صاحبِ مزار مدد فرمائي

سُبحٰنَ اللّٰه! اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه مزارن ۾ رهندي بہ پنهنجي مهمانن جو آڌرڀاءُ فرمائيندا آهن جيئن تہ **حجة الاسلام** حضرت سيّدُنا امام محمّد غزالي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ ڪجهه هن طرح نقل ڪن ٿا تہ” مڪي پاڪ جي هڪ شافعي مُجاور (يعني ٻُهاريدار) جو چوڻ آهي، مصر ۾ هڪ غريب شخص جي گهر ٻار ڄائو ان هڪ سماجي ڪارڪن سان رابطو ڪيو، اهو نئين ڄاول ٻار جي پيءُ کي ونني ڪيترن ئي ماڻهن سان مليو پر ڪنهن مالي امداد نہ ڪئي، آخرڪار هڪ مزار تي حاضري ڏنائون، ان سماجي ڪارڪن ڪجهه هن طرح فرياد ڪئي، ”ياسيّدي! الله پاڪ توهان تي رحم فرمائي، توهان پنهنجي ظاهري زندگيءَ ۾ تمام گهڻو ڏيندا هئا. اڄ ڪيترن ئي ماڻهن کان نئين ڄاول ٻار لاءِ

گھريوسين پر ڪنهن ٻه ڪجھه نه ڏنو.“ اهو چوڻ ڪانپوءِ ان سماجي ڪارڪن ذاتي طور تي اڌ دينار نئين چاول ٻار جي پيءُ کي اوڌر تي ڏيندي چيو،”جڏهن ٻه توهان وٽ پيسن جي ترڪيب بڻجي وڃي ته مونکي موٽائي ڏجو“. ٻئي پنهنجي پنهنجي رستي سان ويا هليا. سماجي ڪارڪن کي رات خواب ۾ **صاحبِ مزار جو ديدار** ٿيو، فرمايائون: توهان مونکي جيڪو چيو اهو مون ٻُڌي ورتو هو پر ان وقت جواب ڏيڻ جي اجازت نه هئي، منهنجي گھر وارن کي وڃي چئو ته اهي سِگري (لوهي چلهه) جي هيٺان واري جڳهه کوٽين، هڪ ڳلي نڪرندي ان ۾ **500** دينار هوندا، اها سڄي رقم ان نئين چاول ٻار جي پيءُ کي پيش ڪري ڇڏيو.“ پوءِ هو **صاحبِ مزار** جي گھروارن وٽ پهتو ۽ سڄو واقعو ٻُڌايائين. گھر وارن نشاندهي جي مطابق جڳهه کوٽي ۽ **500** دينار ڪڍي ڪري حاضر ڪيائون، سماجي ڪارڪن چيو: اهي سڀ توهان جا ئي آهن، منهنجي خواب جو ڪهڙو اعتبار! انهن چيو،”**جڏهن اسان جا بزرگ دنيا مان پردو فرمائڻ ڪان پوءِ ٻه سخاوت ڪن ٿا ته اسان ڇو پوئتي هٽون!**“ پوءِ انهن اصرار ڪندي اهي دينار ان سماجي ڪارڪن کي ڏنا ۽ ان وڃي ڪري ان نئين چاول ٻار جي پيءُ کي پيش ڪري ڇڏيا ۽ سڄو واقعو ٻُڌايائين، ان غريب شخص **اڌ دينار** مان قرض لاٿو ۽ **اڌ دينار** پاڻ وٽ رکندي چيائين”مون لاءِ هي ئي ڪافي آهي“. باقي سڀ ان سماجي ڪارڪن کي ڏيندي چيائين باقي سيئي دينار غريبن ۾

مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيو. راوي جو بيان آهي، مون کي سمجھ ۾ نہ ٿو اچي تہ انهن سيني مان ڪير وڌيڪ سخي آهي!
(احياءُ علوم الدين ج 3 ص 309)

الله پاڪ جي انهن تي رَحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

خالی کبھی پھیرا ہی نہیں اپنے گدا کو اے سائلو مانگو تو ذرا ہاتھ بڑھا کر
خود اپنے بھکاری کی بھرا کرتے ہیں جھولی خود کہتے ہیں یاربّ! مرے منگتا کا بھلا کر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اولياءِ ڪرام وفات ڪانپوءِ بہ نفعو پهچائيندا آهن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پهريان جا ماڻهو بزرگن جي باري ۾ ڪيتري قدر سنو عقيدو رکندا هئا ۽ ضرورت جي وقت انهن کان پنهنجون حاجتون طلب ڪندا هئا. انهن جو هي ذهن ٻڌيل هوندو هو تہ الله وارا الله پاڪ جي عطا سان مدد ڪندا آهن، بهرحال اولياءُ الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ ربّ ڪائنات جي عنايتن سان پنهنجي مزارن ۾ حيات هوندا آهن. ايندڙ ويندڙن جي ڳالھ ٻُڌندا آهن، هدايت ۽ مدد ڪندا آهن ۽ پنهنجي گھرن جي معاملن جي بہ خبر رکندا آهن تڏهن ئي تہ صاحبِ مزار بزرگ رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه خواب ۾ وڃي ڪري ان سماجي ڪارڪن جي رهنمائي فرمائي ۽ ان نئين چاول ٻار جي غريب پيءُ جي دستگيري ۽ مالي امداد ڪئي.
**حضرت** علامہ ابن عابدين شامي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا اولياءُ الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ ربِّ ڪائنات جي بارگاھ ۾ مختلف درجا رکندا آهن ۽ زائرين کي پنهنجي مُعارف ۽ اسرار جي لحاظ کان نفعو پهچائيندا آهن. (ردالمحتار ج 1 ص 604)

ہم کو سارے اولیا سے پیار ہے
ان شاءَاللہ اپنا بیڑا پار ہے

## ڪــــهـــڙو ڪــــاڌو بيماري آهــي؟

**حضرت** سيّدُنا عقبه بن عامر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪّي مَدَني، عربي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ صحت نشان آهي،”جنهن ڪاڌي تي الله پاڪ جو نالو نہ ورتو ويو هجي اهو **بيماري** آهي ۽ ان ۾ برڪت ناهي ۽ ان جو ڪفارو هي آهي تہ جيڪڏهن اجان دسترخوان نہ ڪنيو ويو هجي تہ بِسْمِ الله پڙهي ڪري ڪجهہ کائجي ۽ دسترخوان ڪنيو ويو هجي تہ بِسْمِ الله پڙهي آڱريون چٽي وٺجن.“

(الجامع الصغير ص 394 حديث 6327)

## شيطان جي لاءِ ڪاڌو حلال

**حضرت** سيّدُنا حُذيفه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ روايت ڪن ٿا تہ تاجدارِ مدينه، قرارِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي،”جنهن ڪاڌي تي بِسْمِ الله نہ پڙهي وڃي اهو ڪاڌو شيطان جي لاءِ حَلال ٿي ويندو آهي.“ (يعني بِسْمِ الله نہ پڙهڻ جي صورت ۾ شيطان ان ڪاڌي ۾ شريڪ ٿي ويندو آهي.)

(صحيح مسلم ص 860 حديث 9259)

## ڪاڌي کي شيطان کان بچايو

**ڪاڌي** کان اڳ ۾ بِسْمِ الله نہ پڙهڻ سان ڪاڌي ۾ بي برڪتي ٿيندي آهي. حضرت سيّدُنا ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: ”اسان تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبُوَّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر هئاسين، ڪاڌو پيش ڪيو ويو، شروعات ۾ ايڏي برڪت اسان ڪنهن ڪاڌي ۾ نہ

ڏني، پر آخر ۾ ڏاڍي بي برڪتي ڏني سون اسان عرض ڪيو،"**يارسول الله** صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ائين چو ٿيو؟ " ارشاد فرمايائون: "اسان سيني کاڌو کائڻ وقت بِسۡمِ الله پڙهي هئي، پوءِ هڪ شخص بنا بِسۡمِ الله پڙهڻ جي کاڌو کائڻ لاءِ ويهي رهيو ان سان گڏ شيطان کاڌو کائي ورتو."

(شرح السنة ج 6 ص 62 حديث 2818)

## شيطان کان حفاظت

**حضرت** سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ روايت ڪن ٿا تہ رَحمت عالم، نورِمجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، "جنهن کي هيءَ ڳالهہ پسند هجي تہ شيطان ان وٽ نہ کاڌو کائي سگهي ۽ نہ قيلولا (نماز ظهر کان بعد آرام) ڪري سگهي ۽ نہ ئي رات گذاري سگهي تہ ان کي گهرجي تہ جڏهن بہ گهر ۾ داخل ٿئي تہ سلام ڪري ۽ کاڌي جي لاءِ بِسۡمِ الله پڙهي وٺي."

( مجمع الزوا ئد ج 8 ص 77 حديث 12773)

## گهرو جهيڙن جو علاج

**حضرت** مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري پهريان ساڄو قدم دروازي ۾ داخل ڪرڻ گهرجي پوءِ گهر وارن کي سلام ڪندي گهر جي اندر اچو، جيڪڏهن گهر ۾ ڪوبہ نہ هجي تہ اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ اَ يُّهَا النَّبِيُّ وَرَحۡمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئو. ڪجهہ بزرگن کي ڏٺو ويو آهي تہ ڏينهن جي شروعات ۾ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ۽ قُلۡ هُوَ اللهُ شريف پڙهي وٺندا آهن جو ان

سان گهر ۾ اتفاق بہ رهندو آهي (يعني جهيڙو ناهي ٿيندو) ۽ روزيءَ ۾ برڪت بہ ٿيندي آهي. (مراٰة ج 6 ص 9)

## بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ وسري وڃي تہ ڇا ڪجي؟

اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ تاجدارِ مدينهءِ منوره، سُلطانِ مڪهءِ مڪرمه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو،”جڏهن ڪو شخص کاڌو کائي تہ اللّٰه پاڪ جو نالو وٺي. يعني بِسۡمِ اللّٰه پڙهي ۽ جيڪڏهن شروع ۾ بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ وسري وڃي تہ هيئن چوي، بِسۡمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ.“ (ابوداود شريف ج 3 ص 487 حديث 3767)

## شيطان کاڌو ٻاهر ڪڍي ڇڏيو!

**حضرت** سيّدُنا اُمَيَّه بن مَخۡشِي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا،”هڪ شخص بغير بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ جي کاڌو کائي رهيو هو، جڏهن کائي چُڪو، صرف هڪ ئي گرهہ باقي رهجي ويو تہ اهو گرهہ کڻندي ۽ چيائين بِسۡمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ. تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُرڪڻ لڳا ۽ هي ارشاد فرمايائون تہ ”شيطان ان سان گڏ کاڌو کائي رهيو هو، جڏهن ان اللّٰه پاڪ جي نالي جو ذڪر ڪيو تہ جيڪو ڪجهہ ان جي پيٽ ۾ هو ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين.“ (ابوداود ج 3 ص356 حديث 3768)

## نگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪجهہ لڪيل ناهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ کاڌو کائو تہ ياد ڪري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

پڙهي چڙهيو. جيڪو نہ ٿو پڙهي ان جو” قِرين “ نالي شيطان بہ کاڌي ۾ گڏ شريڪ ٿي ويندو آهي. حضرت سيّدُنا اُمَيَّه بن مَخۡشِي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ واري روايت مان صاف ظاهر ٿي رهيو آهي تہ اسان جي **مٺي مٺي آقا** مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون نگاهون سڀ ڪجهہ ڏسي وٺنديون آهن تڏهن ئي تہ شيطان کي بدحواسي جي حالت ۾ الٽي ڪندو ڏسي مُرڪي ڏنائون، جيئن تہ **مفسرِ** شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا، ”رَحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون مقدس نظرون حقيقت ۾ لِڪيل مخلوق کي بہ ڏسي وٺنديون آهن ۽ حديثِ مبارڪ بلڪل پنهنجي ظاهري معنيٰ تي آهي ڪنهن تاويل جي ضرورت ناهي، جيئن اسان جو پيٽ مک وارو کاڌو (جڏهن مک ان ۾ موجود هجي) قبول ناهي ڪندو، ائين ئي شيطان جو مِعدو بِسۡمِ اللّٰه وارو کاڌو هضم ناهي ڪري سگهندو، جيتوڻيڪ ان جو الٽي ڪيل کاڌو اسان جي ڪم جو ناهي پر مردود بيمار ٿي پوندو آهي ۽ بُکيو بہ رهجي ويندو آهي ۽ اسان جي کاڌي جي وڃايل برڪت موٽي ايندي آهي، مطلب تہ ان ۾ اسان جو فائدو آهي شيطان جا بہ نقصان ۽ ممڪن آهي تہ اهو مردود آئنده اسان سان گڏ بنا بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ وارو کاڌو بہ ان خوف کان نہ کائي تہ شايد هي وچ ۾ بِسۡمِ اللّٰه نہ پڙهي وٺي ۽ مون کي الٽي ڪرڻي پئجي وڃي، حديثِ پاڪ ۾ جنهن ماڻهو جو ذڪر آهي غالبًا اهو اڪيلو کائي رهيو هو، جيڪڏهن حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ کائي ها تہ بِسۡمِ اللّٰه

چوڻ نہ وساري ها چو تہ اتي حاضرين بِسۡمِ اللّٰه بلند آواز سان چوندا هئا ۽ گڏ ويهڻ وارن کي بِسۡمِ اللّٰه چوڻ جو حڪم ڪندا هئا.(مراۃ ج 6 ص 30)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۽ بالخصوص **مدني قافلن** ۾ خوب دعائون پڙهڻ ۽ سکڻ جو موقعو ملندو آهي، دعوتِ اسلامي جي بهارن جو تہ ڇا چئجي! ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو.

## ماءُ ڪٽ تان اٿي ويهي رهي!

**منهنجي** امڙ سخت بيماري جي سبب ڪٽ تان اٿڻ کان بہ لاچار ٿي وئي هئي ۽ ڊاڪٽرن بہ جواب ڏئي ڇڏيو هو. مون ٻُڌو هو تہ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن جي تربيت جي **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ سان دعائون قبول ٿينديون آهن ۽ بيماريون دور ٿيندون آهن، آخر مون بہ دل ٻڌي **دعوتِ اسلامي** جي نور وسائيندڙ عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينه** جي اندر قائم "دارالسُّنۃ" ۾ حاضر ٿي ڪري ٽن ڏينهن جي لاءِ **مدني قافلي** ۾ سفر جو ارادو ظاهر ڪيو، اسلامي ڀائر نهايت شفقت ۽ محبت سان پيش آيا، عاشقانِ رسول سان گڏ اسان جو **مدني قافلو ڪراچي جي** صحراءِ مدينه جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ پهتو، سفر جي دوران **عاشقانِ رسول** جي خدمت ۾ دعا جي درخواست ڪندي مون امڙ جي ڳُٽِتيءَ جوڳي حالت بيان ڪئي ان تي انهن امڙ لاءِ خوب دعائون ڪندي مون کي ڪافي دلجاءِ ڏني، اميرِ قافله

تمام نرمي سان **انفرادي ڪوشش** ڪندي مونکي وڏيڪ 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ تيار ڪيو، مون به نيّت ڪري ڇڏي. مون امڙ جي صحتيابي جي لاءِ خوب ٻاڏائي دعائون گهريون. ٽن ڏينهن جي ان مدني قافلي جي ٽين رات مون ڪي هڪ روشن چهري واري بزرگ جي زيارت ٿي، انهن فرمايو، ”پنهنجي ماءُ جو فڪر نه ڪريو اِنْ شَآءَاللهُ هوءَ صحتياب ٿي ويندي.“ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي کان فارغ ٿي ڪري مون گهر اچي دروازو کڙڪايو، **دروازو کليو ته مان حيرت ۾ پئجي ويس ڇو ته منهنجي اها بيمار امڙ جيڪا ڪٽ تان اٿي نه پئي سگهي ان پنهنجي پيرن سان هلي اچي دروازو کوليو هو!** مون خوشيءَ وچان ماءُ جا پير چُمي ورتا ۽ مدني قافلي ۾ ڏٺل خواب ٻُڌايو، پوءِ ماءُ کان اجازت وٺي وڏيڪ 30 ڏينهن جي لاءِ **عاشقانِ رسول** سان گڏ **مدني قافلي** ۾ سفر تي روانو ٿي ويس.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ماں جو بیمار ہو | قرض کا بار ہو | رنج و غم مت کریں | قافلے میں چلو |
| ربّ کے در پر جُھکیں | التجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں | قافلے میں چلو |
| دل کی کالک دُھلے | مرضِ عصیاں ٹلے | آؤ سب چل پڑیں | قافلے میں چلو |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مدني قافلي ۾ سفر ڪري دعا ڪرڻ جي برڪت سان اسلامي ڀاءُ جي علاج کان مايوس ٿي ويل ماءُ شفاياب ٿي وئي، دعا ته وري دعا هوندي آهي، امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي

تہ مکي مدني سرڪار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو،

اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِنِ، وَعِمَادُ الدِّيْنِ، وَنُوْرُ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ

(مُسند ابي يعلٰي ج 1 ص215 حديث 435)

يعني ”دعا مومِن جو هٿيار آهي ۽ دين جو ٿنڀ آهي ۽ زمين ۽ آسمان جو نُور آهي“ اچو ان سلسلي ۾ دعا جي مدني گلن سان پنهنجي دلين جي مدني گلدستن کي مهڪايون ٿا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”دعا مومن جو هٿيار آهي“ جي سترهن اکرن

## جي نسبت سان دعا گهرڻ جا 17 مدني گل

(تقريبًا سيئي مدني گل احسن الوعاء لاداب الدعا مع شرح ذيل المدعا لاحسن الوعا ڇپيل مڪتبة المدينه تان ورتل آهن)

﴿1﴾ هر روز تقريبًا 20 ڀيرا دعا گهرڻ واجب آهي، اَلحَمدُلله نمازين جو اهو واجب نماز ۾ سُوْرَةُ الْفَاتِحَةِ سان ادا ٿي ويندو آهي جو اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ترجمو ڪنزالايمان: اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ)

بہ دعا ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ترجمو ڪنزالايمان: سڀ خوبيون الله جي لاءِ آهن جيڪو ساري جهان وارن جو پالڻهار(آهي). ڇوڻ بہ دعا آهي ﴿2﴾ دعا ۾ حد کان نہ وڌجي، مثال طور انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو مرتبو گهرڻ يا آسمان تي چڙهڻ جي تمنا ڪرڻ، گڏوگڏ ٻنهي جهانن

جون سموريون پلايون ۽ سڀ جون سڀ خوبيون گھرڻ بہ منع آهي، انهن خوبين ۾، انبياءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا مرتبا بہ آهن جيڪي ملي نہ سگھندا. (ص 80، 81) ﴿3﴾ جيڪو مُحال (يعني ناممڪن) يا مُحال جي قريب هجي ان جي دعا نہ گھري تنهنڪري هميشہ جي لاءِ تندرستي ۽ عافيّت گھرڻ جو ماڻهو سڄي عمر ڪڏهن بہ ڪنهن طرح جي تڪليف ۾ نہ پوي اهو مُحالِ عادي جي دعا گھرڻ آهي، ائين ئي ڊگھي قد واري ماڻهوءَ جو ننڍو قد هئڻ يا ننڍي اک واري جو وڏي اک جي دعا گھرڻ ممنوع آهي چوجو هي اهڙي امر جي دعا آهي جنهن تي قلم جاري ٿي چُڪو آهي (ص 81) ﴿4﴾ گناهہ جي دعا نہ گھري تہ مونکي پرائو مال ملي وڃي جو گناهہ جي طلب ڪرڻ بہ گناهہ آهي(ص 82) ﴿5﴾ قَطعِ رِحَم (مثلاً فلاڻي مائٽن ۾ جهيڙو ٿي پوي) جي دعا نہ گھري (ص 82) ﴿6﴾ الله پاڪ کان صرف حقير شيءِ نہ گھري جو پروردگار غني آهي بلڪ پنهنجي سڄي توجهہ ان جي ئي طرف رکجي ۽ هر شيءِ جو ان کان سوال ڪري ﴿7﴾ رنج ۽ مصيبت کان گھبرائجي پنهنجي مرڻ جي دعا نہ گھرجي. خيال رهي تہ دنياوي نقصان کان بچڻ جي لاءِ موت جي تمنا ڪرڻ ناجائز آهي ۽ ديني نقصان جي خوف کان جائز. ﴿8﴾ بنا شرعي ضرورت جي ڪنهن جي مرڻ ۽ بربادي‌ءَ جي دعا نہ ڪري، البت جيڪڏهن ڪنهن ڪافر جي ايمان نہ آڻڻ تي يقين ۽ غالب گمان هجي ۽ (ان جي) جيئڻ سان دين جو نقصان ٿئي يا ڪنهن ظالم کان توبهہ ۽ ظلم ڇڏڻ جي اميد نہ هجي ۽ ان جو مرڻ، برباد ٿيڻ مخلوق جي حق ۾ فائديمند هجي تہ اهڙي شخص لاءِ بد دعا ڪرڻ صحيح آهي. (ص 86، 89) ﴿9﴾ ڪنهن مسلمان کي هي بددعا نہ ڏي تہ" تون ڪافر ٿي وڃين" جو

ڪجھ عالمن جي مطابق (اهڙي دعا گهرڻ) ڪفر آهي ۽ تَحقيق هي آهي تہ جيڪڏهن ڪفر کي سنو يا اسلام کي بُرو ڄاڻي ڪري چيائين تہ بيشڪ ڪفر آهي نہ تہ وڏو گناھ آهي جو مسلمان جو بُرو چاهڻ حرام آهي خصوصًا اهو بُرو چاهڻ (تہ فلاڻي جو ايمان برباد ٿي وڃي) تہ سيني بد خواهين کان بدتر آهي. ﴿10﴾ ڪنهن مسلمان تي لعنت نہ ڪري ۽ ان کي مردود ۽ ملعون نہ چوي ۽ جنهن ڪافر جو ڪفر تي مرڻ يقيني ناهي ان تي بہ نالو وٺي لعنت نہ ڪري، ائين مڇر، هوا ۽ بي جان شين مثال طور پٿر، لوھ وغيره ۽ حيوانات تي لعنت منع آهي. البت وِڇون وغيره ڪجھ جانورن تي حديثِ پاڪ ۾ لعنت آئي آهي. ﴿11﴾ ڪنهن مسلمان کي هيءَ بد دعا نہ ڏي تہ ”توتي خدا جو غضب نازل ٿئي ۽ تون (ڄُلهي ۾) باھ يا دوزخ ۾ داخل ٿين“، جو حديث پاڪ ۾ ان جي منع آيل آهي. ﴿12﴾ جيڪو ڪافر ٿي مُئو ان جي لاءِ مغفرت جي دعا حرام ۽ ڪفر آهي.﴿13﴾ هي دعا ڪرڻ، ”خدايا! سيني مسلمانن جا سڀ گناھ بخشي ڇڏ.“ جائز ناهي جو هن مان انهن احاديثِ مبارڪ کي ڪوڙو سمجهڻ معلوم ٿيندو جن ۾ ڪجھ مسلمانن جي دوزخ ۾ وڃڻ جو ذڪر آهي. (ص 106) البت هيئن دعا ڪرڻ ”سڄي امتِ محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مغفرت (يعني بخشش) ٿئي يا سمورن مسلمانن جي مغفرت ٿئي جائز آهي. ﴿14﴾ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي دوستن لاءِ (پنهنجي) اهل ۽ مال ۽ اولاد جي لاءِ بد دعا نہ ڪري، ڪهڙي خبر قبوليت جو وقت هجي ۽ بددعا جو اثر ظاهر ٿيڻ تي ندامت ٿئي. ﴿15﴾ جيڪا شيءِ اڳ ۾ پاڻ وٽ موجود هجي ان جي دعا نہ ڪري مثلاً مرد هيئن نہ چوي تہ ”يا الله مونکي مرد ڪر“ جو اهو استهزا (يعني مذاق ڪرڻ) آهي، البت اهڙي دعا جنهن ۾ شريعت

جي حڪم جي تابعداري يا عاجزي ۽ بندگيءَ جو اظهار يا پروردگار ۽ مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت يا دين يا ديندارن ڏانهن رغبت يا ڪفر ۽ ڪافرن سان نفرت وغيره جا فائدا نڪرندا هجن اها جائز آهي، جيتوڻيڪ ان ڳالھ جو حاصل ٿيڻ يقيني هجي، جيئن درود شريف پڙهڻ، وسيلي جي، صراط مسقيم جي، **الله پاڪ** ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمنن تي غضب ۽ لعنت جي دعا ڪرڻ **(16)** دعا ۾ تنگي نہ ڪري مثلاً هيئن نہ گهري تہ **يا الله** صرف مون تي رحم فرماءِ يا صرف مون کي ۽ منهنجي فلاڻي فلاڻي دوست کي نعمت بخش، بهتر هي آهي تہ سيني مسلمانن کي دعا ۾ شامل ڪري ان جو هڪ فائدو هي بہ ٿيندو تہ جيڪڏهن پاڻ ان نيڪ ڳالھ ۾ حقدار نہ بہ هوندو تہ سنن مسلمانن جي طفيل حاصل ڪري وٺندو **﴿17﴾** حجة الاسلام حضرت سيّدُنا امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مضبوط عقيدي سان دعا گهري ۽ قبوليت جو يقين رکي. (احياءالعلوم، 770/4)

